SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2013

# SINDH ACT NO.I OF 2013

# سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013

# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ACT, 2013

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. دفعه 23_A جي شموليت

Insertion of section 23_A

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 2013
# SINDH ACT NO.I OF 2013
# سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ACT, 2013

[21 فيبروري 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ مقررين ۽ ترقين ۽ ڪجهہ ڪنيل قدمن ڪي هلائڻ لاءِ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ مقررين ۽ ترقين سان لاڳاپيل ڪجهہ قدمن ڪي ضابطي مطابق بڻائڻ لازمي ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ پوليس جو اخلاقي اعتماد برقرار رکڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن ڪارڻ ماضي ۾ اهلڪارن جون زندگيون رسڪ تي رکيون ۽ پنهنجي ڊيوٽي دوران بهترين بهادري جو مظاهرو ڪيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلي رهيو آهي؛

هاڻي تنهن ڪري سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي فلور تي سنڌ جي صوبائي حڪومت طرفان سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 جي دفعہ 9_A تحت ڪيل مقررين ۽ ترقين يا ٻي صورت ۾ پوليس کاتي ۾ ورتل اهڙي قدم جي مقصد لاءِ هي بل متعارف ڪرايو ويو آهي. بل ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 جي انهيءَ ڪري هيٺين ريت ترميم ڪئي ويندي:

ان ڪي هن ريت بڻائي عمل ۾ آندو ويندو:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾، دفعہ 23 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:<br>"**23_A. واري کان اڳ ترقين کي ضابطي مطابق بڻائڻ.** (1) جيستائين ڪجھ ڪنهن قانون، يا حڪم يا ڪنهن عدالت جي فيصلي جي متضاد نہ هجي، هن ايڪٽ سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013 جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ جيڪي حڪومت يا مجاز اختياري يا ٻي صورت ۾ پوليس کاتي ۾ دفعہ 9_A تحت ترقيون ڏنيون ويون آهن، ڏنل ترقي اهڙين ترقين واري تاريخ کان مستقل سمجهيو ويندو.<br>(2) ذيلي دفعہ (1) تحت ڏنل ڪيل سموريون ترقيون ۽ سمورا نوٽيفڪيشنز ڪارروايون، هدايتن يا اهڙين ترقين جي سلسلي ۾ جاري ڪيل حڪم درست ۽ هميشہ ايئن ئي موثر رهندا.<br>(3) ڪو شخص جيڪو ذيلي دفعہ (1) تحت ضابطي ۾ آندل ڪنهن ترقيءَ کان متاثر ٿيو هجي، اهو سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013 جي لاڳو ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر سنڌ سروس ٽربيونل ۾ اپيل داخل ڪري سگهي ٿو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | دفعہ 23_A جي شموليت<br>Insertion of section 23_A |